SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1973

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1973

اولھ پاڪستان خالص خوراڪ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973

THE WEST PAKISTAN PURE FOOD (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافوءِ شروعات
Short title, extent and commencement

2. 1960 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 23 جي تبديلي
Substitution of Section 23 of West Pakistan Ordinance VII of 1960

3. ڏنڊ
Penalties

4. 1960 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 23_A کي ختم ڪرڻ
Omission of section 23_A of West Pakistan Ordinance VII of 1960

5. 1960 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 31 جي تبديلي
Substitution of section 31 of West Pakistan Ordinance VII of 1960

6. ڏوهن جي ٻڌڻيءَ جو طريقو
The procedure for trial of offences

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1973
SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1973
اولھ پاڪستان خالص خوراڪ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973
THE WEST PAKISTAN PURE FOOD (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

[5 مئي 1973]

آرڊيننس جنھن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پاڪستان خالص خوراڪ آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمھيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پاڪستان خالص خوراڪ آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آھي، جيڪا ھن ريت ھوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس ھلندڙ نہ آھي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آھي تہ موجوده حالتن ۾ ھنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آھي؛

ھاڻي، تنھن ڪري، اسلامي جمھوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر ھيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آھي؛

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات

1. (1) ھن آرڊيننس کي اولھ پاڪستان خالص خوراڪ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title, extent and commencement

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان خالص خوراڪ آرڊيننس، 1960 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به مک آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 23 لاءِ هيٺين دفعه متبادل ٿيندي، يعني:

1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعه 23 جي تبديلي

Substitution of section 23 of West Pakistan Ordinance VII of 1960

ڏنڊ

Penalties

"23. (1) جيڪو به دفعه 12 يا 21 جي گنجائشن سان پيڪڙي ڪندو، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جنهن جي مدت ٽي سال تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ يا ٻئي گڏ.

(2) جيڪو دفعات 7، 8، 9، 10، 11 يا 18 جي پيڪڙي ڪندو ان کي قيد جي سزا ايندي، جنهن جي مدت پنج سال تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ يا ٻئي گڏ پر قيد جي سزا جي مدت ڇهه مهينن کان گهٽ نه هوندي ۽ ڏنڊ پنج سئو روپين کان گهٽ نه هوندو.

(3) جيڪو دفعات 3، 4، 5، 6 يا 13 جي پيڪڙي ڪندو، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جنهن جي مدت ست سال تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ پر قيد جي سزا هڪ سال کان گهٽ نه هوندي ۽ ڏنڊ هڪ هزار روپين کان گهٽ نه هوندو."

1960 جي اولهه

3.مک آرڊيننس جي دفعه A_23 کي ختم ڪيو ويندو.

پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 23_A کي ختم ڪرڻ

Omission of section 23_A of West Pakistan Ordinance VII of 1960

4.مک آرڊيننس جي دفعہ 31 لاءِ هيٺين دفعہ متبادل ٿيندي، يعني:

1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 31 جي تبديلي

Substitution of section 31 of West Pakistan Ordinance VII of 1960

"31. هن آرڊيننس تحت سمورا ڏوهہ فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ طرفان ٻڌا ويندا ۽ 1898 جي ڪوڊ آف ڪرمنل (1898 جو ايڪٽ V) جي باب XX تحت بيان ڪيل طريقيڪار موجب ٻڌا ويندا.

ڏوهن تي ٻڌڻيءَ جو طريقو

The procedure for trial of offences

بشرطيڪ ڪو بہ ڪيس جڏهن ڪنهن ماجسٽريٽ اڳيان آهي، ان جي فيصلي تي دستخط ڪرڻ کان اڳ، ڪنهن مرحلي تي اهو اڳ ڪارروائي دوران ڪنهن بہ موقعي تي ظاهر ٿئي ٿو تہ الزام هيٺ آيل کي ماجسٽريٽ جي دائره

اختيار هيٺ سزا کان وڌيڪ سخت سزا ملڻ گهرجي يا الزام هيٺ آيل جي ڪورٽ آف سيشنز طرفان ٻڌايل ٽيڻ گهرجي تہ اهو 1898 جي ڪوڊ آف ڪريمنل (1898 جو ايڪٽ V) جي گنجائشن موجب الزام هيٺ آيل کي حوالي ڪندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.